PRIMARK®

# اسانکي ٻڌايو پاليسي

## نسخو هڪ، جنوري 2024

### Primark جو عزم

Primark تي اسان، صحيح طريقي سان ڪاروبار ڪرڻ جو مقصد رکون ٿا. اسان هر وقت ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ پر عزم آهيون. اسان فخر سان، کليل هجڻ، ايمانداري ۽ شموليت جي ثقافت جيڪا ذميوار عملن کي پهريان ڪري جي همٿ افزائي ڪريون ٿا ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا.

اسان پنهنجي رسد جي نظام ۾ ڪم ڪندڙن جي لاءِ محفوظ ۽ مهذب ڪم ڪرڻ جي جاءِ جي حوصلا افزائي ڪرڻ جو عزم رکندڙ آهيون. اسان چاھُون ٿا ته اسان هڪ مضبوط ڪمپني آهيون، جڏهن اهي ڪم ڪندڙ، رسد پهچائيندڙ ۽ پريمارڪ جي سامان کي ناهيندڙ جاين جي ويجهو رهندڙ ماڻهون ڳالهائڻ جي لاءِ با اختيار محسوس ڪن ٿا ۽ اسان کي پاڻ سان ٿيندڙ غير مناسب، بي ايمان، غير قانوني ۽ خطرناڪ روين بابت آگاه ڪن ٿا. اسان پنهنجي رسد جي نظام ۾ ان جي سيني برادرين ۾ سيني سطحن تي ايماندار ۽ اثرائتي رابطي جي حوصلا افزائي ڪريون ٿا. اسان جي، اسان کي ٻڌايو پاليسي گڏيل قومن جي ڪاروباري ۽ انساني حقن تي رهنمائي ڪندڙ اصولن (يو اين جي پيز) سان ۽ لاڳاپيل ترقي يافته تنظيمي گهرجون، جن جي اسان کي چاڻ آهي، سان ترتيب ۾ آهن.

### توهان کي ڇو اسانکي ٻڌائڻ گهرجي؟

جيڪڏهن توهان اسانجي سامان جي رسد ڪندڙ محور جا ڪارڪن يا سامان جي ترسيل ڪندڙ آهيو يا توهان ان علائقي ۾ رهائش رکو ٿا جتي Primark جو سامان تيار ڪيو ويندو آهي ۽ توهانجي معلومات ۾ ڪا اهڙي ڳالهه آئي آهي، جنهن جي متعلق توهان يقين رکو ٿا ته اها غيرقانوني ۽ خطرناڪ آهي، اسان چاهيون ٿا ته توهان اڳتي اچو ۽ پنهنجا خدشا بيان ڪريو. اسان وٽ هڪ سچاٽپ لڪائيندڙ ۽ رازدار سسٽم موجود آهي، (جيستائين اسان کي ڪنهن قانوني مقصد جي ڪري سچاٽپ ظاهر ڪرڻ لازم نه ٿي پوي)، اسان کي ٻڌايو، جيڪو توهان کي اهو ڪرڻ جي لائق بڻائي ٿو. اهو هن اسان کي ٻڌايو پاليسي سان ڍڪيل آهي. ڳالهائڻ جي ذريعي، مسئلي جي جاچ ۽ ان جي حل جي لاءِ قدم کڻي سگهجن ٿا.

مهرباني ڪري آگاه رهو ته اسان کي ٻڌايو پاليسي توهانجي عمومي ڪم ڪرڻ جي جاءِ جي ضابطن ۽ طريقي ڪار جو متبادل نه آهي، جهڙوڪ شڪايت ڪرڻ يا نظم و ضبط جو طريقي ڪار، يا ڪا ڪاروباري تنظيم يا ڪم ڪندڙن جي ڪاميٽي جا ضابطا جيڪي توهان وٽ موجود هجن.

### اسان کي ٻڌايو ڪنهن تي لاڳو ٿئي ٿي؟

اسان Primark جي رسد ڪرڻ جي نظام ۾ سيني ڪم ڪندڙن ۽ سامان جي رسد ڪندڙن ۽ Primark جو سامان تيار ڪندڙ علائقي جي اردگرد رهائش رکندڙن جي همٿ افزائي ڪريون ٿا ته ڳالهايو ۽ اسان کي ٻڌايو. ڪنهن به قسم جو ڪم ڪندڙ، جهڙوڪ مڪمل وقت ڪم ڪندڙ، مقرر مدت لاءِ ڪم ڪندڙ، ايجنسي جا ڪرڪن، گهر ويٺي ڪم ڪندڙ، تربيت وٺندڙ يا رضاڪار اسان کي ٻڌايو طريقي ڪار کي استعمال ڪري سگهن ٿا.

Primark جي لاءِ ڪنهن به ملڪ ۾، جتي اسانجا اسٽور آهن، سڏي طرح ڪم ڪندڙ ساٿين ۽ Primark جي حصيدارن، ايجنٽن، ٺيڪيدارن، ٻاهرين صلاحڪارن، ٽئين پارٽيءَ جي نمائندن، ڪاروباري پائيوارن ۽ مددگارن جي همٿ افزائي ڪريون ٿا ته پريمارڪ جي ڳالهايو طريقي ڪار جو استعمال ڪن. توهان وڌيڪ هتان معلوم ڪري سگهو ٿا. https://corporate.primark.com/en-gb/primark-cares/resources/social.

### توهان کي، اسانکي ڇا جي متعلق ٻڌائڻ گهرجي؟

جيڪڏهن توهان کي يقين آهي ته، غير مناسب، بي ايمان، غير قانوني يا خطرناڪ رويو اختيار ٿي رهيو آهي، ته توهان پنهنجو خدشو ان اعتماد سان ٻڌائي سگهو ٿا ته اسان توهان جي مدد ڪنداسي. توهان هيٺين مان ڪنهن جي به متعلق معلومات ڏئي سگهو ٿا:

- Primark جي سامان جي ترسيل ڪندڙ جو ضابطه اخلاق، جي ڀڃڪڙي، جنهن ۾ شامل آهي:

PRIMARK

- جبري يا لازمي مزدوري يا جديد غلاميءَ جي ڪا بہ علامت؛
- قانوني طور تي حاصل ڪيل اجرت ۽ فائدن جي عدم ادائگي؛
- ڪاروباري يونين ٺاهڻ يا ان ۾ شموليت ۽ اجتمائي سوديبازيءَ کان روڪڻ؛
- غير محفوظ يا غير صحتمند ڪم ڪرڻ جو ماحول؛
- قانوني طور وڌ ۾ وڌ ڪم ڪرڻ جي ڪلاڪن کان وڌيڪ؛
- تعصب، بدمعاشي يا هيسائڻ؛
- گارگند يا بدسلوڪ رويو؛
- ماحولياتي نقصان؛ ۽
- رشوت خوري ۽ بد عنواني.

- Primark جي ڪنهن بہ ضابطن جي ڀڃڪڙي جيڪي انساني حق ۽ اخلاقی مسئلن ۽ (ماحوليات) سان لاڳاپيل آهن؛
- رازداريءَ واري معلومات ۽ ڪنهن بہ معلومات کي غير اختياري طريقي سان ظاهر ڪرڻ
- Primark جي آرڊر جو غير اختياري ذيلي معاهدو
- جعلي مالياتي سرگرمي؛ ۽
- مٿين مان ڪنهن بہ معاملي کي جاڻي واڻي لڪائڻ.

ڪو بہ معاملو جيڪو مٿي ڄاڻايل فهرست ۾ شامل نہ آهي ان جي اسان کي ٻڌايو جي آپشن 4 کي استعمال ڪندي آگاهي ڏئي سگهجي ٿي (هيٺ ڏنل، بيان ڪيل)

جيڪڏهن توهان کي غير يقيني آهي تہ ڇا ڪو معاملو اسان کي ٻڌايو ضابطي جي دائري ۾ اچي ٿو، يا جيڪڏهن توهان باضابطہ رپورٽ ڏيڻ کان اڳ ۾ ڪنهن سان رازداريءَ ۾ ڳالهائڻ چاهيو ٿا تہ اسان توهان کي صلاح ڏيون ٿا تہ توهان پنهنجي لائين مينيجر يا سپروائيزر سان ڳالهايو يا، جيڪڏهن موجود هجي تہ، پنهنجي ڪاروباري اتحاد يا ڪم ڪندڙن جي ڪميٽيءَ جي نمائندي سان پنهنجي ڪم ڪرڻ واري جاءِ تي ڳالهايو.

## توهان کي ڪيئن پنهنجو مسئلو اٿارڻ گهرجي ۽ اسان کي ٻڌائڻ گهرجي؟

مهرباني ڪري ڪنهن بہ لاڳاپيل مسئلي کي ٻڌائڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل اختيارن کي ڏسو. **جيڪڏهن توهان يا ڪو ٻيو فوري طور خطري ۾ آهي، تہ مهرباني ڪري پنهنجي علاقائي هنگامي خدمت ڏيندڙ سان رابطو ڪريو.**

## اختيار1: پنهنجي لائين مينيجر / سپروائيزر کي ٻڌايو

اسان توهان کي مشورو ڏيون ٿا تہ پنهنجو خدشو پنهنجي لاڳاپيل لائين مينيجر يا سپروائيزر کي لکت ۾ يا زباني پيش ڪريو. جيڪيڏهن توهان پنهنجي لائين مينيجر يا سپروائيزر سان رابطو ڪرڻ جي باري ۾ پنهنجي مشاهدو ڪيل روين ۽ حالتن جي ڪري پريشان آهيو تہ اسان هيٺين مان ڪو بہ اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ توهان جي همٿ افزائي ڪريون ٿا.

## اختيار2: جتي موجود هجي، تہ پنهنجي علاقائي واپاري تنظيم يا ڪم ڪندڙن جي ڪاميٽيءَ جي اڳواڻ سان رابطو ڪريو

جيڪڏهن توهان پنهنجي لائين مينيجر يا سپروائيزر سان معلاملو اٿارڻ کان لاچاري محسوس ڪريو ٿا، يا جيڪڏهن توهان محسوس ڪريو ٿا تہ توهانجي لائين مينيجر يا سپروائيزر توهان جي خدشي کي حل نہ ڪيو آهي، جتي موجود هجي، توهان مسئلي کي پنهنجي علاقائي ڪاروباري تنظيم يا ڪم ڪندڙن جي تنظيم جي ذميدارن جي ڄاڻ ۾ آڻي سگهو ٿا.

## اختيار3: جتي موجود هجي، تہ علاقائي ڪم ڪندڙن جي مددگار نمبر تي رابطو ڪريو ( ضميمو 1 ڏسو)

جيڪڏهن توهان پنهنجي لائين مينيجر يا سپروائيزر يا علاقائي ڪاروباري تنظيم يا ڪم ڪندڙن جي تنظيم جي ذميدارن سان معلاملو اٿارڻ کان لاچاري محسوس ڪريو ٿا، يا جيڪڏهن توهان اينً ڪري چڪا آهيو ۽ محسوس ڪريو ٿا تہ توهانجي خدشي کي حل نہ ڪيو ويو آهي، جتي موجود هجي، توهان مسئلي کي پنهنجي علاقائي ڪم ڪندڙن جي هيلپ لائين جي ڄاڻ ۾ آڻي سگهو ٿا، جنهن جي هيٺ ضميمي 1 ۾ نشاندهي ڪئي وئي آهي.

PRIMARK

## اختيار4: اسان کي ٻڌايو لائين ( تفصيل هيٺ ۾ *Primark* جو سامان ٺاهيندڙ فيڪٽرين جي ڏيان چڪايو بورڊن تي)

جيڪڏهن اختيار 1،2 ۽ 3 توهان وٽ موجود نه آهن، ۽ جيڪڏهن توهان جو خدشو بين اختيارن جي ذريعي حل نه ٿيو آهي، ته مهرباني ڪري اسان کي ٻڌايو فون لائين، ويب سروس يا سمارٽ فون ايپليڪيشن جو استعمال ڪريو، جيڪي هيٺ فراهم ڪيل تفصيلن مطابق مفت آهن.

| ٽيليفون | ويب ايڊريس | رسائيءَ جو ڪوڊ | ڪيو آر ڪوڊ |
|---|---|---|---|
| پاڪِستان:<br>0080 0900 44437 | https://primark.speakup.report/tellus | 106502 | |

جيڪڏهن توهان اسان کي ٻڌايو فون لائين جي چونڊ ڪريو ٿا، ته توهان هڪ رڪارڊ ٿيل پيغام ٻڌندا (اڪثر صورتن ۾ توهانجي مقامي ٻوليءَ ۾) جيڪو توهان کي Primark تائين رسائيءَ جو منفرد ڪوڊ مهيا ڪرڻ جي لاءِ چوندو، 106502. ان کانپوءِ توهان پنهنجي خدشي جي تفصيل پنهنجي آواز ۾ پيغام جي صورت ۾ درج ڪرائڻ جي لائق ٿيو ٿا.

جيڪڏهن توهان اسان کي ٻڌايو ويب سروس جي چونڊ ڪريو ٿا، ته توهان کي Primark تائين رسائيءَ جو منفرد ڪوڊ ڏيڻو پوندو، 106502، ۽ پوءِ توهان کي پنهنجو خدشو تفصيل سان لکت ۾ بيان ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. ويب سروس تي متن توهانجي علاقائي زبان ۾ موجود آهي.

جيڪڏهن توهان اسان کي ٻڌايو سمارٽ فون ايپليڪيشن استعمال ڪرڻ منتخب ڪريو ٿا، ته توهان ڪيو آر ڪوڊ اسڪين ڪري، مفت ۾ ايپليڪيشن ڊائون لوڊ ڪري سگهو ٿا. پوءِ توهان کي Primark تائين رسائيءَ جو ڪوڊ ڏيڻو پوندو، 106502، ۽ پوءِ توهان کي پنهنجو خدشو تفصيل سان لکت ۾ بيان ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. ايپليڪيشن تي متن توهانجي علاقائي زبان ۾ موجود آهي.

اسان کي ٻڌايو جي لاءِ فون نمبرن جي تفصيل، ويب ايڊريس، رسائيءَ جو ڪوڊ ۽ ڪيو آر ڪوڊ Primark جو سامان ٺاهيندڙ فيڪٽرين ۾ لڳل پوسٽرن تي پڻ موجود آهن. اسان کي ان ڳالهه جو تمام گهڻو خيال آهي ته توهان جي ٻڌايو طريقي ڪار تائين آسانيءَ سان پهچ هجي ۽ توهان آرام سان انهن کي استعمال ڪري سگهو. اسان کي سامان جي رسد ڪندڙن جي ڪارخانن جي باقاعده سماجي آڊٽ جي پروگرام جي حصي طور، اسان پوسٽرن ۽ بين لاڳاپيل معلوماتي مواد جي رسائيءَ ۽ توهان جي ان طريقي ڪار متعلق سمجهه جي جاچ ڪنداسين.

Primark وٽ اثاريل خدشن جو رڪارڊ متعلق قانون جي مناسبت سان رکيو ويندو. اسان کي ٻڌايو فون لائين جي تعلق ۾، توهانجي آواز واري پيغام کي رڪارڊ ڪيو ويندو آهي يا ان آواز واري پيغام کي لکت ۾ آندو ويندو آهي.

توهانجي رپورٽ کي، هيٺ ترتيب ڏنل، اسان کي ٻڌايو طريقي ڪار جي مطابق حل ڪيو ويندو.

### جيڪڏهن توهان اسان کي ٻڌايو طريقي ڪار کي استعمال ڪندي Primark سان رابطو ڪريو ٿا ته اڳتي ڇا ٿيندو؟

توهان هڪ منفرد ڪيس نمبر حاصل ڪندا. جيڪڏهن توهان اسان کي ٻڌايو فون لائين، ويب سروس يا سمارٽ فون ايپليڪيشن ۾ واپس ويندا ۽ هي نمبر استعمال ڪندا ته توهان پنهنجي رپورٽ جي تصديق پڙهڻ/ ٻڌڻ جي لائق هوندا (7 ڏينهن کانپوءِ)، پنهنجي خدشي جي متعلق ڪنهن وڌيڪ معلومات جي درخواست ۽ ان جي تازه صورتحال متعلق ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا.

اسان توهانجي رپورٽ جي ستن ڏينهن جي اندر تصديق ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا. ان کانپوءِ اسان ابتدائي جائزو وٺنداسين، ان جي حصي طور، توهان کي پنهنجي خدشي جي متعلق وڌيڪ معلومات فراهم ڪرڻ جي لاءِ چئي سگهجي ٿو، جيڪو ظاهر ٿيو آهي ان جي آڌار تي، ڪهڙو قدم کڻڻ گهرجي ۽ وقت جو تعين طئي ڪيو ويندو.

توهان کي ڪنهن به تحقيق جي نتيجن ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪنيل يا منصوبو ڪيل قدمن ۽ انهن کي کڻڻ جي سببن جي ڄاڻ ڏني ويندي. (رازداريءَ جي گهرجن جي مطابق). اسان يقين ڏياريون ٿا ته اهي ماڻهون جيڪي اسان کي ڀڙايو شڪايتن جي جاچ ڪرڻ ذميدار آهن، اهي آزاد ۽ غير جانبدار آهن.

جيڪڏهن توهان ڪنهن به وقت حاصل ڪيل جواب کان خوش نه آهيو ته ياد رکو ته اسان کي ڀڙايو پاليسيءَ جي مٿي مقرر ٿيل ڪنهن بين رابطن مان ڪنهن ڏانهن وڃي سگهو ٿا. اسان اهو يقيني بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهيون ته اهڙن مسئلن کي مناسب ۽ صحيح طريقي سان سنڀاليو وڃي ٿو.

## جيڪڏهن توهان اسان کي ڀڙايو طريقي کار کي استعمال ڪندي Primark سان رابطو ڪريو ٿا ته اسان ڪيئن توهان جي حفاظت ڪنداسين؟

### اثرن کان

اسان ڪنهن به خدشو ظاهر ڪندڙ جي خلاف انتقامي ڪاروائيءَ کي برداشت نه ڪنداسين: ڪو به شخص جيڪو خدشو ظاهر ڪري ٿو، ان کي ناڪاري اثرن، انتقام يا نقصان کان محفوظ رکڻ گهرجي. اگر توهان کي محسوس ٿئي ته توهان کي يا توهان جي نوڪريءَ کي، خدشو ظاهر ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪو به نقصان آهي، ته ان کان فوري طور تي اسان کي ڀڙايو فون لائين، ويب سروس يا سمارٽ فون ايپليڪيشن کي استعمال ڪندي آگاهه ڪريو.

### توهانجي سڃاڻپ ۽ رازداري

اسان اميد ڪريون ٿا ته توهان اسان سان کلي ڪري ڳالهائڻ جي قابل محسوس ڪريو ٿا. جيڪڏهن توهان مڪمل طور تي اڻ سڃاتل رهڻ چاهيو ٿا، جيڪو توهان تي دارومدار رکي ٿو ۽ اهو اسانجي اسان کي ڀڙايو فون لائين، ويب سروس يا سمارٽ فون ايپليڪيشن جي ذريعي ممڪن آهي. مهرباني ڪري هر اها معلومات اسان کي پيش ڪريو، جيڪا توهان سمجهو ٿا ته توهان جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ اسانکي مددگار ثابت ٿيندي. جيڪڏهن توهان کان ڪجهه وسري ويو آهي ته پريشان نه ٿيو، توهان وٽ اسان سان پيهر رابطو ڪرڻ جو موقعو موجود آهي، يا توهان عرض ڪري سگهو ٿا ته اسان توهان سان مسئلي جي بابت ڳالهائڻ جي لاءِ سڌو رابطو ڪريون.

جيڪڏهن توهان پنهنجي سڃاڻپ ظاهر ڪريو ٿا ته اسان توهان جي سڃاڻپ کي راز ۾ رکڻ جي لاءِ هر ممڪن قدم کڻنداسين. اسان توهانجو نالو صرف انهن ماڻهن جي اڳيان ظاهر ڪنداسين، جن کي قانوني ضرورت جي مطابق يا الزام جي جاچ جي لاءِ اهو ڄاڻڻ جي ضرورت آهي. اسان کي ڀڙايو پاليسيءَ جي مطابق جنهن به خدشي جي نشاندهيءَ ۾ ڪنهن به ذاتي معلومات جيڪا توهانجي يا ڪنهن ٻئي شخص جي نشاندهي ڪري ٿي، جو استعمال اسان کي ڀڙايو پاليسيءَ ۾ بيان ڪيل مقصدن ۽ ضميمي 2 جي رازداريءَ جي نوٽيس مطابق ڪيو ويندو.

ان جي قطع نظر ته توهان سڃاڻپ ظاهر نه ڪرڻ جو انتخاب ڪريو ٿا، اسان ڪڏهن به پنهنجي ترسيل جي نظام ۾ ڪم ڪندڙن جي باري ۾ معلومات پنهنجي شڪايتن جي متعلق شايع ڪيل رپورٽن ۾ شامل نه ڪندا آهيون، جنهن سان انهن جي نشاندهي ٿئي.

### ٻيو

جيستائين قانون جي طرفان مهيا ڪيل نه هجي، هيءَ اسانکي ڀڙايو پاليسي توهانجي نوڪريءَ جي معاهدي جو حصو نه آهي ۽ Primark سان ڪنهن به قسم جي معاهدي جو بنياد مهيا نه ٿي ڪري، اسان هن اسان کي ڀڙايو پاليسيءَ ۾ ڪنهن به وقت ترميم ڪري سگهون ٿا.

## ضميمو 1

### مقامي ڪم ڪندڙن جي مددگار لائين

| نالو | ملڪ | ٽيليفون يا ويب سائيٽ |
|---|---|---|
| امادر ڪوٿا | بنگلاديش | 08006666666 |
| مدبيم ڪم ڪندڙن جو معاون سينٽر | ترڪي | https://iscidestekmerkezi.org |
| RMG استحڪام ڪائونسل (RSC) | بنگلاديش | حفاظتي شڪايتون:<br>08801769969000<br><br>عام پڇا ڳاڇا:<br>08801766695900<br>0880241081863-6 |
| انگل ڪرال | انديا | 1-800-8333-12 |

## ضميمو 2

### اسانکي ٻڌايو _ توهانجي رازداري

يورپي معلومات جي حفاظت جي قانون سازيءَ جي مقصد جي لاءِ، Primark ذميواريءَ سان توهان جي ذاتي معلومات جو نظام رکندڙ آهي، جيڪا توهان اسان کي ٻڌايو فون لائين، ويب سروس ۽ سمارٽ فون ايپليڪيشن جي ذريعي جمع ڪرايو ٿا.

### توهانجي ذاتي معلومات

اسان کي ٻڌايو ضابطي جي تحت جمع ڪرايل ذاتي معلومات اسان صرف نامناسب، بي ايماني، غير قانوني ۽ خطرناڪ روين جي متعلق شڪايتن جي جاچ جي لاءِ استعمال ڪندا آهيون. (”نا مناسب رويو“) اسانجي اسان کي ٻڌايو ضابطي ۽ لاڳاپيل قانونن مطابق. هي نوٽيس توهان کي ان معلومات جي متعلق ٻڌائي ٿو جيڪا اسان توهان کان غير مناسب رويي کي رپورٽ ڪرڻ وقت حاصل ڪندا آهيون ۽ اها معلومات Primark جي اندر ڪيئن استعمال ۽ پيش ڪئي ويندي آهي.

### ڪهڙي ذاتي معلومات تي اسان ڪاروائي ڪندا آهيون؟

جيڪڏهن توهان ڪنهن مسئلي جي باري ۾ اسان کي ٻڌايو فون لائين، ويب سروس يا سمارٽ فون ايپليڪيشن جي ذريعي بيان ڪيو ٿا ته اسان حاصل ڪنداسين هر اها ذاتي معلومات جيڪا توهان پنهنجي باري ۾ يا ڪنهن جي به باري ۾ پنهنجي بيان ۾ شامل ڪندا. اسانجي اها ضرورت نه آهي ته توهان پنهنجو نالو ڇڏيو. اسان توهان کي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ همٿايون ٿا، چو ته پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ کان بغير اثاريل خدشا تمام گهٽ اثرڪندڙ ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن اسان کي مڪمل معلومات نه آهي ته مڪمل جاچ ڪرڻ ممڪن نه ٿو رهي.

توهان ذاتي معلومات خاص زمري ۾ شامل ڪري سگهو ٿا، ڪنهن وقت چيو ويندو آهي ”حساس ذاتي معلومات“. هن اصطلاح ۾ اهڙن معاملن سان لاڳاپيل معلومات شامل آهي جهڙوڪ نسلي يا قومي بنياد، مذهبي عقيدا، جسماني يا ذهني صحت، واپاري يونين جي رڪنيت، جنسي زندگيءَ بابت معلومات، بايوميٽرڪ معلومات، جينياتي معلومات، ڏوهاري رڪارڊ يا ڏوهاري سرگرمين ۽ انهن جي ڪاروائيءَ بابت معلومات.

جيڪڏهن توهان هڪ رپورٽ جو موضوع آهيو يا توهان جو نالو ان ۾ شامل آهي ته اسان توهان کي فوري طور تي آگاهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ايستائين جو اهو ڪرڻ سان تحقيق متاثر ٿي سگهي ٿي يا اهو ڪرڻ کان قانوني طور منع ٿيل آهي.

### اسان ان معلومات جو ڪيئن استعمال ڪندا آهيون؟

زباني پيغام جيڪي اسان کي ٻڌايو فون لائين جي ذريعي موڪليا ويندا آهن، انهن کي تفصيل سان رڪارڊ ڪيو ويندو آهي ۽ بعد ۾ انهن جي حقيقي زبان ۽ انگريزي ٻنهي ۾ لکت ڪئي ويندو آهي. اسانکي ٻڌايو ويب سروس ۽ سمارٽ فون ايپليڪيشن جي ذريعي حاصل ڪيل سڀني رپورٽن ۽ لکتن کي علائقي جي ملڪ جي فرق کان سواءِ هڪ ڪيس مينيجمينٽ سسٽم ۾ ذخيرو ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ Primark ڏانهن موڪليو ويندو آهي.

اسان وٽ جمع ڪرايل معلومات کي اسان رپورٽن جي جائزي جي مقصد جي لاءِ ۽ جتي ضروري هجي لڳايل الزامن جي تحقيق جي لاءِ استعمال ڪندا آهيون. اسانجو ان معلومات جو استعمال عام طور انهن مقصدن سان لاڳاپيل جائز مفادن جي لاءِ ضروري آهي ۽ اسان ملوث ماڻهن جي حفاظت جي لاءِ مناسب قدم کڻون ٿا.

جتي توهان جي رپورٽ ۾ ذاتي معلومات جي خاص درجابندي شامل آهي يا ڏوهن يا ڏوهاري ڪاروين جي متعلق ذاتي معلومات، عام طور تي ڳالهائجي ته اسان جو ان معلومات جو استعمال، اسان جي جائز مفادن جي لاءِ ضروري آهي (جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي) ۽:

- ذاتي معلومات جي خاص قسمن جي استعمال جي حوالي سان، اهم عوامي مفادن جي لاءِ ضروري ۽/ يا قانوني دعوائن جي حفاظت جي لاءِ؛ ۽
- فوجداري ڏوهن يا الزامن سان لاڳاپيل معلومات جي حوالي سان، غير قانوني عملن کي روڪڻ ۽ انهن جي نشاندهي ڪرڻ ضروري آهي.

### توهانجي معلومات کي ونڊڻ

اسان کي ڏنايو سسٽم جي ذريعي جمع ڪيل ڪي به رپورٽون جيڪي اخلاقي مسئلن متعلق هجن، اهي شروعاتي طور Primark جي اخلاقي ڪاروبار جي ٽيم ڏانهن اسان کي ڏنايو پاليسيءَ ۾ طئي ٿيل طريقي ڪار مطابق عمل ڪرڻ لاءِ اماڻيون ويندين.

ٻيون رپورٽون عام طور تي مناسب تحقيق ۾ مدد ڪرڻ جي لاءِ Primark جي اندروني لاڳاپيل ٽيم ڏانهن اماڻيون وينديون آهن.

ڪنهن به رجحان يا خدشن جي موجودگيءَ جو هڪ جائزو رکڻ جي لاء جتي وڌيڪ تربيت يا قدمن جي ضرورت هوندي، سڀني رپورٽن جي سجاڳپ کي ختم ڪيو ويندو ۽ Primark جي ٽي ماهي جائزي جي خلاصي ۾ Primark جي خطري ۽ تعميل جي ڊائريڪٽر جي طرفان جمع ڪيو ويندو.

### اسان ڪيتري وقت تائين توهان جي معلومات رکندا آهيون؟

هڪ دفعو لکت ٿيڻ کانپوءِ شروعاتي آواز جي رڪارڊنگ کي ختم ڪيو ويندو آهي. اسان کي ڏنايو ويب سروس ۽ سمارٽ فون ايپليڪيشن جي ذريعي حاصل ٿيل رپورٽن ۽ لکت جي رپورٽن کي اسانکي ڏنايو سسٽم جي اندر تحقيق جي وقت تائين برقرار رکيو ويندو، ۽ ڪيس جي بند ٿيڻ کانپوءِ وڌيڪ ٽن سالن جي وقت تائين (جيستائين قابل اطلاق قانون تحت وڌيڪ وقت جي ضرورت نه هجي) سجاڳپ ڪندڙ سموري معلومات کي ختم ڪيو ويندو آهي ۽ صرف رپورٽ جي قسم جو هڪ شمارياتي رڪارڊ ، تحقيق جو هنڌ ۽ ان جو نتيجو اندروني رپورٽ جي مقصد جي لاءِ برقرار رکيو ويندو آهي.

### توهانجي معلومات ڪٿي رکي ۽ منتقل ڪئي ويندي آهي؟

اسانکي ڏنايو فون لائين، ويب سروس ۽ سمارٽ فون ايپليڪيشن جي ذريعي موڪليل رپورٽون اسانجي سپلائر جي نيدرلينڊ، يورپ ۾ موجود سرور تي محفوظ ڪيون وينديون. توهانجي معلومات تي Primark جي طرفان برطانيا ۽ آئرلينڊ ۾ به رسائي حاصل ڪئي ويندي ۽ پوءِ جاچ جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ مطعلق ڪاروبار ڏانهن منتقل ڪئي ويندي آهي. ان جو مطلب آهي ته توهانجي معلومات برطانيا، آئرلينڊ ۽ نيدرليڊ ۽ متعلقه جاچ ڪندڙ ٽيم کي منتقل ڪئي ويندي آهي، جتي به اهي رهائش اختيار ڪندڙ آهن.

### توهانجا حق

توهان پنهنجي ذاتي معلومات جي هڪ ڪاپي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان کان ڪنهن به وقت پڇي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته توهانجي ذاتي معملومات، جيڪا اسان توهان جي متعلق رکون ٿا، غلط يا غير مڪمل آهي، ته توهان اسان کي ان کي صحيح ڪرڻ يا مڪمل ڪرڻ جي لاءِ چئي سگهو ٿا. ڪجه حالتن ۾ توهان کي پڻ حق حاصل آهي ته اسانجي طرفان توهانجي معلومات جي استعمال تي اعتراض ڪريو ۽ توهان کي حق حاصل آهي ته توهانجي معلومات جي استعمال کي محدود ڪرڻ يا ان معلومات کي مٽائڻ جي لاءِ اسانکي چئي سگهو. جڏهن ته انهن حقن ۾ ڪجهه استثنا آهن. مثال طور، توهان جي معلومات کي مٽائڻ اسان جي لاءِ ممڪن نه هوندو جيڪڏهن قانوني طور ان معلومات کي رکڻ جي ضرورت هجي يا اسان کي ڪنهن قانوني گهرج کي پوري ڪرڻ جي لاءِ ان معلومات جي استعمال جي ضرورت هجي.

جيڪڏهن توهان پنهنجي ذاتي معلومات تائين رسائي يا پنهنجي ڪنهن به حق جي استعمال جي خواهش رکو ٿا ته توهان کي Primark جي معلومات جي حفاظت واري ٽيم سان dataprotection@primark.ie تي شروعاتي رابطو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن توهان کي اسانجي، توهانجي معلومات کي سنڀالڻ جي طريقي ڪار جي متعلق ڪوئي خدشو آهي ته توهانکي پنهنجي مقامي معلومات جي حفاظت جي نگراني ڪندڙ اداري کي شڪايت ڪرڻ جو حق حاصل آهي.